مونکي خبر آهي تہ سنڌيءَ جو واهپو گهٽيل آهي پر اُن جي لاءِ گهٽي ۾ گهٽ ذميوار سرڪار ۽ ساهتڪار پاڻ آهن جيڪي اڪثر نہ ٻارن سان گهر ۾ سنڌي ڳالهائين ۽ نہ ڪين سنڌي سکيا ڏيڻ تي زور ڏين. جيتوڻيڪ عام طرح ڪلاس هلائڻ وغيره جي بہ لهر اُٿندڙ آهي ۽ اثردار آهي. اُن جو روشن منار وانگر مثال گانڌيڌام مان نيم سان، سنڌي ڪلاس هلائيندڙ ياءُ چيلارام ڪياڻي آهي جنهن هزارين شاگرد پيدا ڪيا آهن پر ديوناگريءَ وارن اُتي هڪ بہ ڪڇيءَ کي سنڌي نہ سيکاري آهي.

شال سرڪاري عملدارن ۽ اڳوانن، ساهتڪارن ۽ ٻين سنڌين کي سُمت اچي !

نہ ڪرڻ ڪري دوستن کان الڳ ٿلڳ ٿي ويو آهي. عجب آهي تہ مان ١٩٤١ع کان پبلڪ لائيف ۾ سرگرم آهيان، اسٽوڊنٽس يونين، پروگريسو گروپ هلايم، ڪانگريس هلچل ڪئٽ انڊيا ۾ جيل ويس. ڪاليج مسيلني 'ڦليلي' جي سمپادڪي ڪيم.

ورهاڱي بعد ١٩٤٨ع جي فسادن ڪري لڏڻو پيم ۽ ايم. اي. جو امتحان ١٩٤٩ع ۾ ممبئيءَ ۾ ڏنم. پاس ڪري يڪدم بمبئي سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪيم پر سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سنڌيت جو ڪاريہ ڪندو رهيس. پنهنجي سنڌ واري تخلص 'اُتم' سان ڪم ڪيم. ١٩٦١ع ۾ گجرات ۽ مهاراشٽر پرانت ٿيا تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جي ڪاريہ لاءِ ميءِ مهني ۾ گزيٽيڊ پوسٽ تان استيعفا ڏنم. ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي لفظن ۾ مون 'ساهت کي هتي پُنر جنم ڏنو'. مون هڪ ئي وقت سنڌي ساهت منڊل، 'نئين دنيا'، 'سنڌو ڌارا هفتيوار' ۽ 'اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو ڪم ڪيو. (١٩٥٩ع). سڀا جو جنرل سيڪريٽري ٿي چئن پرڌانن، اين. آر. ملڪاڻي، منگهارام ملڪاڻي، ٻي. ايڇ. ناگراڻي ۽ ايل. ايڇ. اجواڻيءَ سان ڪم ڪيم. ايتري قدر جو مالهيءَ جي (٦٧-٦٨-٦٩) ٽن سالن ۾ سميلن نہ ڪرڻ ڪري نيم مٿل سڀا ۾ (١٩٧٠ع ۾ 'الور سميلن' ڪرائي) جان وڌي ۽ 'سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌي لپي' جي نيتيءَ کي پنهنجو اُديش بڻايو.

اهي ٣٥ سال (١٩٤٩-١٩٧٣ع) سنستائن ۽ اخبارن ۾ ڪم ڪندي، نہ اڳيئر نہ هاڻي مون پاڻکي الڳ الڳ محسوس

ڪيو آهي. ٻين جي اهڙي رايي ڪي سرڳواسي موهن ڪلپنا منهنجي ڇپايل ڪتاب ’سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد‘ (۱۹۸۱ع) ۾ جواب ڏنو آهي ۽ پاڻ مون خلاف لکيل بغض ۽ بهتان لاءِ معافي ورتي مهانتا جو ثبوت ڏنو آهي. (نئين دنيا نومبر ۱۹۷۱ع). مهاڳ ۾، ڪلپنا مونکي ٻُگ پرش سڏيندي لکيو، ’حسابي ۽ ڳڻت جي منصوبائي ذهنيت ڪان اڄڪو اُتم قلم خواه زبان سان منهن تي وڇائي ڪيندڙ، ان ڪري نان ڊپلومئٽ ۽ گهٽ پسند ايندڙ آهي. ان ڪري هن ڪيترا دوست وڃايا آهن پر، هن دوست وڃايا آهن يا دوستن اُصول وڃايا آهن يا اُهي بدليا آهن يا هو مايوس ۽ تخليقي طور ڌڌا ٿي ويا آهن يا پئسي مائل نظام ۾ حقيقت شناس ٿيا آهن ۽ پنهنجو وجود بچائڻ جي جدوجهد ۾ سرگردان آهن يا تحرڪ تان پينشنبردار ٿيا آهن يا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري مفادن جي سنسٿاواد جو ٻڪ ٿيا آهن....؟ جنهن آشاواد جي روشن مناري تي دائما پنهنجو مقام ٺاهيو آهي، اُهو هندستان ۾ فقط هڪ شخص آهي، ’اي. جي. اُتم.‘

سرڳواسي موهن ڪلپنا هيءُ جواب ۲۰ سال اڳ لکيو هو جيڪو اڄ به نت نئون آهي. هن ڪتاب ۾ مون خلاف گهڻو غلط لکندڙ سندر اگناڻي ۽ ارجن حاسد کي به جواب آهي. سندر مونکي جيتوڻيڪ ۱۹۷۰ع واري الور سميلن تي ڪيل ڪاريه تي لکندي چوي ٿو ته، ’جي اُتم نه هجي ها ته هلچل مري وڃي ها يا هجي ئي نه ها‘. ايڏي اهميت ڀري الور سميلن کي اصل هن جي هاٺوڪي پرڏان،

